

# ”لوپين ۽ ٺوڳين جي ڊيل
# ڪنهن جي مفاد ۾ آهي؟“

_ جامي چانڊيو

جنرل پرويز مشرف هارائيندڙ جواريءَ وانگر ويندي ويندي ڊيل ۽ نام نهاد قومي مصالحتي آرڊيننس ذريعي وري پنهنجي جياپي جو گس ڪڍي ويو آهي. سوال رڳو جنرل مشرف جي ذات جو ناهي پر دراصل ان ڏر ۽ مفاد توڙي طاقت جي توازن جو آهي، جنهن کي پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو وڏو ڏِڪو اچڻ جو امڪان هو پر چوندا آهن تہ، ”جتي لوپي هوندا آهن، اُتي ٺوڳي بک نہ مرندا آهن.“ لوپين ۽ ٺوڳين جي هن ڊيل ۾ سمورو فائدو رياستي اسٽيٽسڪو ۽ ان جي نمائنده قوتن کي ۽ نقصان عوام جو ٿيو آهي. پاڪستان جي تاريخ جو هي پهريون رياستي بحران آهي، جنهن ۾ اسٽيبلشمينٽ سڀ ڪجهہ داءُ تي لڳائي پنهنجو الهہ تلهہ وڃائي چڪي آهي پر هڪ دفعو وري پ پ پ ۽ سرڪاري مولوين رياست جي ونگار وهي ڪين هن بحران مان نڪرڻ جا گس ناهي ڏنا



آهن. جيتوڻيڪ صدارتي چونڊن جي نتيجن جو حتمي اعلان تہ 17 آڪٽوبر کانپوءِ سپريم ڪورٽ جي فل بينچ جي فيصلي کانپوءِ ايندو پر تنهن هوندي بہ لوپين ۽ ٺوڳين جي ڊيل ٿي چڪي آهي.

هن ڊيل ۾ جيڪو سڀ کان وڏو بلنڊر ٿيو آهي، اهو هي آهي تہ قومي مصالحاتي آرڊيننس ذريعي ملڪ ۾ سمورن سياسي اڳواڻن تي قائم ڪيسن کي ختم ڪري ڪين آجو ڪيو پيو وڃي. بظاهر اها ڳالهہ چڱي نظر اچي ٿي پر حقيت ان جي اُبتڙ آهي، ڇاڪاڻ تہ هيٺيان سوال اڃ بہ موجود آهن.

(1) مشرف سرڪار گذريل اٺن سالن کان احتساب جي نالي ۾ عوام جي وقت ۽ وسيلن جو زيان ڪيو ۽ هاڻي هو جڏهن عام معافيءَ جو اعلان پيو ڪري تہ پوءِ سوال آهي تہ ان سموري نقصان جو ذميوار ڪير آهي ۽ ان جو ازالو ڪير ڪندو؟ يعني هي ملڪ هڪ فرد جي ذاتي جاگير آهي، جتي وڏيس تہ اٺ سال سياستدانن تي ڪيس هلائي ۽ وڏيس تہ رات وچ ۾ سڀ ڪجهہ معاف ڪري ڇڏي.

(2) عام معافي دنيا ۾ جتي بہ ملندي آهي اها خالص سياسي ڪيسن ۾ ملندي آهي. پاڪستان ۾ ڪجهہ جماعتون خاص طور متحده دهشتگرد مافيائون آهن، سندن سوين ڪارڪنن ۽ اڳواڻن تي هزارين بيگناهہ انسانن جا قتل ۽ دهشتگرديءَ جا ڪيس داخل آهن ۽ ڪنهن بہ بيگناهہ شهريءَ جو قتل نہ رڳو ان جي ذات جو پر رياست، قانون ۽ آئين جو بہ ڏوهہ آهي. دراصل جنرل مشرف هن آرڊيننس ذريعي چونڊن کان اڳ ساڻن ڊيل ڪندڙ لوپين ۽ سندس جوڙيوال نسل پرست دهشتگرد مافيا کي رليف ڏيڻ چاهي ٿو.

جنرل مشرف جي دؤر ۾ هونئن ئي ڪين سنڌ جو عملي طور مالڪ بڻايو ويو آهي ۽ سندن سوين دهشتگردن تان ڪيس واپس ورتا ويا آهن پر هن آرڊيننس ذريعي تہ سندن سمورا ڏوهہ معاف ٿي ويندا، ٻيو تہ ٺهيو پر هن آرڊيننس کانپوءِ دهشتگردن جو سربراهہ لنڊن ۾ ويٺل ”ڀائي“ بہ اچو اُجرو ٿي سامهون ايندو. اهي دهشتگرد هزارين ۽ لکين خاندانن جا ڏوهي آهن، جن جا ٻچا هنن گذريل 25 سالن کان پئي ڪُٺا آهن، انهن لکين خاندانن جي ڏوهارين کي هڪ فرد هڪ آرڊيننس ذريعي ڪيئن ٿو معاف ڪري سگهي؟

(3) سنڌ ۽ بلوچستان جا سوين سياسي ڪارڪن رياستي ادارن اغوا ڪري گم ڪري ڇڏيا آهن. سندن وارث سالن کان احتجاج ڪري ڪري ڇتا ٿي پيا آهن پر رياست رڳو اهو مڃڻ لاءِ بہ تيار نہ آهي تہ اهي سندن تحويل ۾ آهن ۽ سندن ڏوهہ ڪهڙو آهي؟ يعني هڪڙا بيگناهہ سياسي ڪارڪن رياست طرفان بنا ڪنهن ڪيس جي سالن کان گم آهن ۽ ٻيا ڏنا وائنا ڏوهاري، ڪرپٽ ۽ دهشتگرد رات وچ ۾ معصوم ٿي

ويندا. سنڌ ۽ بلوچستان جا نہ رڳو سوين ڪارڪن گم ڪيا ويا آهن پر بلوچستان جي سياسي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن جي وڏي انگ تي سنگين ڪيس قائم ڪيا ويا آهن ۽ ڪيترن کي روپوش ڏوهاري قرار ڏنو ويو آهي. اختر مينگل اڄ بہ قيد آهي, بالاچ مري زندگيءَ جي خطري سبب روپوش آهي, بي اين پي جي لڳ ڀڳ سموري مرڪزي ڪميٽي قيد آهي ۽ بغاوت جا ڪوڙا ڪيس ڀوڳي رهي آهي. سوال آهي تہ انهن جو ڇا ٿيندو؟

(4) هن آرڊيننس جي حوالي سان سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ خود جنرل مشرف رياست, آئين ۽ عوام جو ڏوهي آهي. اهو ڪيئن ٿو اهي فيصلا ڪري سگهي تہ ڪير ڏوهي آهي ۽ نہ آهي. ڇا سپريم ڪورٽ هن سنگين معاملي جو ڪو نوٽيس وٺندي؟ سپريم ڪورٽ نہ رڳو ان جو پاڻمرادو نوٽيس وٺي پر هڪ اعليٰ عدالتي ڪميشن ذريعي اها بہ جاچ ڪرائي تہ جنرل مشرف جي دؤر ۾ احتساب بيورو جي نالي ۾ عوام جي ٽيڪس جا ڪيترا پئسا ضايع ڪيا ويا؟ ٻيو تہ جيڪڏهن عام سياسي معافي ڏيڻي آهي تہ پوءِ سچ پچ بہ اُنهن کي ڏني وڃي جن تي ڪوڙا سياسي ڪيس قائم ڪيا ويا هئا, باقي دهشتگردن توڙي ڪرپٽ سياستدانن عوام جي جانين ۽ وسيلن کي پئي لُٽيو آهي, انهن جا ڪيس واپس ٿيڻ نہ گهرجن. جي متحده جي دهشتگردن جا ڪيس معاف ٿيا تہ پوءِ ڌاڙيلن ۽ جيلن ۾ بند هزارين اخلاقي ڏوهارين ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي؟ پوءِ تہ نہ رڳو انهن جا بہ ڪيس معاف ٿيڻ گهرجن پر ڪين بہ ڪنهن ڊيل ذريعي ايندڙ حڪومت ۾ ڪو حصو پتي ڏنو وڃي.

هي آرڊيننس جنهن ۾ سڀ کان گهڻو فائدو دهشتگردن ۽ ڪرپٽ سياستدانن کي ٿيندو ۽ ان جو سڀ کان گهڻو نقصان سنڌ ۽ سنڌي عوام کي ٿيندو.